# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 2003
# SINDH ACT NO.IV OF 2003
# سنڌ (ڪنهن زمين مان معدنيات بشمول ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي) ايڪٽ، 2003
# THE SINDH (PROHIBITION OF TAKING MENERALS INCLUDING RETI (SAND) AND BAJRI FROM ANY LAND) ACT, 2003
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪڍڻ جي رجسٽريشن

Registration on taking minerals including reti (sand) and bajri

4. سزا

Punishment

5. دائره اختيار

Cognizance

6. ضمانت

Indemnity

7. **قاعدا**

Rules

8. **منسوخي**

Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 2003
# SINDH ACT NO.IV OF 2003

## سنڌ (ڪنهن زمين مان معدنيات بشمول ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي) ايڪٽ، 2003
## THE SINDH (PROHIBITION OF TAKING MENERALS INCLUDING RETI (SAND) AND BAJRI FROM ANY LAND) ACT, 2003

[23 آڪٽوبر 2003]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ کوٽائي يا ڪنهن ٻئي طريقي ڪنهن زمين مان ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪڍڻ تي پابندي لڳائي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ کوٽائي يا ڪنهن ٻئي طريقي ڪنهن زمين مان ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪڍڻ تي پابندي لڳائڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت جوڙيو پيو وڃي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ (ڪنهن زمين مان معدنيات بشمول ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي) ايڪٽ، 2003 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت.

(b) "زمين" جنهن ۾ شامل آهي پاڻي هيٺ زمين يا زمين جي

ذيلي زمين؛ ۽

(c) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

**ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪڍڻ جي رجسٽريشن**
**Registration on taking minerals including reti (sand) and bajri**

3. حڪومت جي اڳواٽ منظوري ڪانسواءِ ڪو به شخص ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪنهن زمين منجهان کوٽائي يا ٻئي طريقي نه ڪڍندو:

بشرطيڪ ڪا به منظوري نه ڏني ويندي، جيڪا ٽوپوگرافي، آرڪيالاجي، ايڪالاجي ۽ علائقي جي ماحول تي اثرانداز نه ٿئي.

**سزا**
**Punishment**

4. جيڪو به هن ايڪٽ جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري ته اهو اهڙي ڀڃڪڙي تي سزا لائق هوندو:

(a) پهرين ڀڃڪڙي جي صورت ۾ قيد جي سزا جيڪا ٽن مهينن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ، جيڪو ڏهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هوندو؛ ۽

(b) لڳاتار ڀڃڪڙي جي صورت ۾ قيد جي سزا جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو ويهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هوندو.

**دائره اختيار**
**Cognizance**

5. ڪنهن به عدالت کي هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڏوهه تي دائره اختيار حاصل نه هوندو، سواءِ ان جي ته حڪومت طرفان بااختيار بڻايل ڪو آفيسر لکت ۾ شڪايت نه ڪري.

**ضمانت**
**Indemnity**

6. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن به شخص خلاف ڪو مقدمو، ڪيس يا ٻي قانوني ڪارروائي نه ٿي سگهندي.

**قاعدا**

7. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ پڌرائي ذريعي هن ايڪٽ

| | |
|---|---|
| جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | Rules |
| 8. سنڌ (ڪنهن زمين مان ريتي (واري) بجري سميت معدنيات ڪڍڻ تي پابندي) آرڊيننس، 2003 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | منسوخي Repeal |
| **نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** | |